# نَئون عَهُدنامو

## اَسانجي خُداوَنَد يَسُوع مَسِيح جو


لَندَن شهر منجهِ

ڇپِيو

١٨٩٠



1890

Zsin
890

# فِرهِشت


مَتِيَّ جو اِنجِيلُ

مَرْڪُسَ جو اِنجِيلُ

لوُقا جو اِنجِيلُ

يوُحَنَ جو اِنجِيلُ

رَسوُلَنَ جا ڪَمَ

پوُلُسَ رَسوُل جو خَطُ رُومِيُنِ ڏي

,, ,, ,, پَهرِيون خَطُ قُرِنْتِيُنِ ڏي

,, ,, ,, ٻِيو خَطُ قُرِنْتِيُنِ ڏي

,, ,, ,, خَطُ گلاتِيُنِ ڏي

,, ,, ,, ,, اَفَسِيُنِ ڏي

,, ,, ,, ,, فِلِپِيُنِ ڏي

,, ,, ,, ,, ڪُلِسِيُنِ ڏي

,, ,, ,, پَهرِيون خَطُ تَسِلونِيڪُنِ ڏي

,, ,, ,, ٻِيو خَطُ تَسِلونِيڪُنِ ڏي

,, ,, ,, پَهرِيوُن خَطُ تِمِطائُوس ڏي



بِرِٽِشَ اَنڊ فارِن بائِبَلَ سوسائِٽِيَ جي واسطي اِسٽِيفن آُسٽِنَ ۽ پُٽَنِ جي
ڇاپخاني مين هارٽفرڊ شَهِر مين ڇپيو ∴

پولس رسول جو ٻيو خط تِمطائُوس ڏي
„ „ خط طِيطس ڏي
„ „ „ فِليمانَ ڏي
„ „ „ عِبرانِيُن ڏي
يعقُوب رسُول جو خط
پطرس رسُول جو پهرِيُون خط
„ „ ٻيو خط
يُوحنَ رسُول جو پهرِيُون خط
„ „ ٻيو خطُ
„ „ ٽيو خطُ
يهُودا جو خطُ
يُوحنَ رسُولَ جي مُڪاشِفاتَ جو ڪِتابُ


# اِنجِيلُ

## خُداوَند يَسُوع مَسِيح جو

## تاهِيلُ مَتّيٰ جو

### بابُ ١

اَبرِهام جو پُٽُ دائُودُ ۽ دائُود جو پُٽُ يسُوع مَسِيحُ تهنجي پِيڙهِي جو هِي
لِيکو آهي ⁘
(٢) اِبرهام کان اِسحاقُ ڄائو ۽ اِسحاق کان يعقُوبُ ڄائو ۽ يعقُوب کان يهُودا
۽ اُنهِي جا ڀائُرَ ڄاوا (٣) ۽ يهُودا کان ٿامر جي پيٽا فارصُ ۽ زراحُ ڄاوا ۽ فارص
کان حَصرُونُ ڄائو ۽ حصرُون کان اَرمُ ڄائو (٤) اَرم کان اِميندابُ ڄائو ۽
اِميداب کان ناحسُونُ ڄائو ۽ ناحسُون کان سلمونُ ڄائو (٥) ۽ سلمون کان
رحاب جي پيٽا بوعازُ ڄائو بوعاز کان رُوٿ جي پيٽا عوبيدُ ڄائو ۽ عوبيد
کان يسّي ڄائو (٦) ۽ يسّي کان دائُود پاتِشاهُ ڄائو ⁘
۽ دائُود پاتيشاه کان سُليمانُ اُنهِي جي پيٽا ڄائو جا پهرهاءُ اُورِيا جي زال
هُئِي (٧) ۽ سُليمان کان رحبعامُ ڄائو ۽ رحبعام کان اَبِيا ڄائو ۽ ابِيا کان آسّا